

# رُت آئي سڪاڙهن پيرن جي

شيخ اياز

ترتيب
غلام مصطفيٰ سولنگي

SINDH RANI PUBLICATION
HYDERABAD

# رُت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي

(شاعري)

## شيخ اياز

ترتيب:
غلام مصطفيٰ سولنگي

سنڌ راڻي پبليڪيشن

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | رُت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي |
| شاعري | : | شيخ اياز |
| موضوع | : | شاعري |
| ترتيب | : | غلام مصطفيٰ سولنگي |
| نگراني | : | حميد سنڌي |
| ڇاپو پهريون | : | ڊسمبر 2019ع |
| تعداد | : | هڪ هزار |
| ڪمپوزنگ/ٽائيٽل | : | شاهزيب ميمڻ |
| ڪيليگرافي | : | اويس پٺو |
| ڇپائيندڙ | : | سنڌ راڻي پبليڪيشن حيدرآباد 03013492704 |

قيمت: 150 روپيا


شيخ اياز جي شاعريءَ جو هي ڳتڪو "رُت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي" آگسٽ 1968ع واري "روح رهاڻ" ۾ شايع ٿيو جنهن کي پڙهندڙن لاءِ ٻيهر شايع ڪيو پيو وڃي.


RUT AAI GARHAN BERAN JEE

(Poetry)

By: Shaikh Ayaz

Sindh Rani Publication Hyderabad.


**ڪتاب ملڻ جا هنڌ:**

پناڻي ڪتاب گهر حيدرآباد. فڪشن هائوس حيدرآباد. ڪويتا ڪتاب گهر حيدرآباد. ادبي بورڊ بوڪ اسٽال تلڪ چاڙهي حيدرآباد. قليچ ڪتاب گهر سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد. ڪنگ پن بوڪ هائوس پريس ڪلب حيدرآباد. ڪامريڊ بوڪ اسٽال ڄامشورو رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو مهراڻ ڪتاب گهر لاڙڪاڻو. وسيم ڪتاب گهر شڪارپور. سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر. تهذيب بڪ اسٽور خيرپور ميرس. ٿر ڪتاب گهر مٺي. سنڌ راڻي پبليڪيشن حيدرآباد. بلوچ ڪتاب گهر قاسم آباد حيدرآباد.

# اداري پاران

شيخ اياز نہ صرف سنڌي ٻوليءَ جو مقبول ترين شاعر آهي پر هو هڪ بهترين قانوندان بہ هيو ۽ وڪالت هڪ اهڙو پيشو آهي، جنهن ۾ ماڻهوءَ کي تمام گهڻ وقت ملندو آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪيس پنهنجي شعبي ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ تمام گهڻا بلڪہ قانون جا سيئي ڪتاب پڙهڻا پوندا آهن، تنهن هوندي بہ شيخ اياز جو سنڌي ٻولي، سنڌي قوم ۽ سنڌي شاعريءَ سان ايترو لڳاءُ هيو جو هن پنهنجي شعبي ۾ بہ هڪ ڪامياب وڪيل طور پاڻ مڃرايو ۽ تمام گهڻي مصروفيت هوندي بہ هن شاعريءَ کي ٽائيم ڏنو ۽ مٿس ڏات مهربان هجڻ ڪري هر موضوع تي شاعري ڪري پاڻ مڃرايو.

شيخ اياز سنڌي ادبي سنگت جي باني ڪارن مان هيو. جڏهن گوبند مالهي اپريل 1946ع ۾ ڪراچيءَ ۾ سنڌي ادبي سنگت جو بنياد وڌو تہ شيخ اياز ۽ ٻهاري لال ڇاٻڙيا سنگت جا پهريان جوائنٽ سيڪريٽري چونڊيا ويا. شيخ اياز شڪارپور ضلعي ۾ بہ سنگت کي منظم ڪيو، ڇاڪاڻ تہ شڪارپور سندس جنم ڀومي شهر آهي ۽ هن چاهيو پئي تہ سنڌي ٻولي ادب ۽ شاعريءَ جا سلا شڪارپور مان بہ ڦُٽندا رهن، انهيءَ ڪري هن سنڌ سنگت کي شڪارپور ۾ بہ فعال رکڻ لاءِ ڪوششون ورتيون، مطلب تہ شيخ اياز جو سنڌي ٻولي، ادب ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ جيترو ڪنٽريبيوشن آهي، ان کي ڪير بہ فراموش نٿو ڪري سگهي. هن وقت تائين شيخ اياز جا ڪيترائي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن ۽ اڃا ڇپجي رهيا آهن پر انهن ڪتابن جي وڪري ۾ ڪا بہ گهتتائي نہ آئي آهن، سندس ڪتابن جا ڪيترا ئي ڇاپا مختلف ادارن طرفان شايع ٿيا آهن پر اهي وڏا ۽ جامع هجڻ ڪري ڳري قيمت جا آهن، جن کي شاگرد يا بيروزگار نوجوان خريد ڪري نٿا سگهن، پوءِ نوجوان لائبريرين ۾ وڃي اهي ڪتاب پڙهي پنهنجي ادبي اُڃ اجهائين ٿا.

ان ڪري اسان سوچيو تہ شيخ اياز جا شروعاتي دور وارا آيل ننڍا ننڍا ڪتابچا ٻيهر شايع ڪري شاگردن لاءِ سهولت پيدا ڪيون، جيئن اهي ڪتابچا خريد ڪري پڙهي سگهن.

انهيءَ ڪري هي ڪتاب ”رُت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي“ محترم حميد سنڌي جي ٿورن سان سنڌس رسالي روح رهاڻ مان کڻي، ٻيهر شايع ڪري رهيا آهيون تہ معقول معاوضي تي نوجوان ۽ شاگرد وٺي پڙهي سگهن.

**غلام مصطفيٰ سولنگي**
**سنڌ راڻي پبليڪيشن حيدرآباد**
03013492704

# شيخ اياز ۽ روح رهاڻ

ڳچيءَ ڳانا لوهه جا زيريون ۽ زنجير،
پيڪڙا پيرن ۾ ڪونين اندر ڪير،
چاري چؤگانن ۾، واهيت ڪن وزير،
چن نه چڇجي آهيان، اهڙيءَ سٽ سرير،
مارو چام مليرُ! پڇج ڪِي پنهوار ڪي.

يادگيرين جا ورق اُٿلائيندي، شاهه سائينءَ جو هيءُ شعر هنيانءُ تي تري آيو اٿم. لڳيم ائين ٿو ته اڳ به ائين هو، اڄ به ائين آهي، سُڀاڻ به اِئين رهي، جو مَنُ اندر جيڪا پيڙا آهي، پوَ ۽ انديشا آهن، اِئين جو اِئين رهيا. پُل هينان پاڻي وهندو پئي رهيو آهي، اڄ به وهندو رهي ٿو. من ۾ اِئين ئي يادگيريون وهڪرا ناهي ڪٿي ڊنڊون، ڪٿي ڊورا، ڪٿي دُٻا ته ڪٿ وري بنهه خشڪ پونا...! يادگيرين جي وهڪري سان هلڻ ۾ جياپو آهي ۽ اُن جيئڻ ۾ ڪنهن ويل مري به وڃجي ٿو، ته اُهي صدين جا پل وري پل ۾ گذري وڃن ٿا.

گهڻن ڏينهن کانپوءِ مَن ۾ اٿل ٿتل هئي، ڪيئي همسفر، همر ڪاب، همدم، همغم ۽ ڏاڍا موڪلائڻ بنا ائين وقت جي وهڪرن ۾ لُڙهي ويا، جو پتو ئي نه پيو. اشفاق لاءِ لکيل يادگيرين جي سفر مان هڪ ٻه ورق اُٿلايا ئي مس هيا ته ڪئين ورق وري ويا. اياز قادري ويو ته ورپو ڪونه. پراڻي همسفر هئڻ ناتي ٻه اکر لکڻ لاءِ سوچيم پئي ته ڊاڪٽر دُرشهوار الله توهار ڪئي! سائين جي ايم سيد سان پراڻو ناتو-سائين امير حيدر شاهه ۽ سائين امداد محمد شاهه هميشه جڙ اندر ۾ ويٺا هجن. اصل ٻاڻ لڳي ويو! ڪير اُهي ورق ورائي؟ جيئري هيءُ جهان ڇڏي في الحال موڪلائي وڃجي، پوءِ جڏهن ڪو ڪنهن پَل ڪي قياس پوي، جو جيئرو موٽائي وني اچي.

ڪاتي تان نه ڪنهين، مَن وِجهلڻ وڏيو،
ماريس سو تَنهين، جو نَو ڇِٽاري جَيڏيون!

جڏهن جو خبر پيم ته شيخ اياز به هلڻ هاري ڪئي آهي ۽ سفر اُسهيو آهي ته پانيم ته وقت بيهي ويو آهي!

سان پاليل چشم و چراغ! والد صاحب وڏي سرڪاري عهدي تي هيو، پر اسان ٻه ڪٽي الفي پاتي! عزيزن قريبن کي ڏنڊين آڳريون هيون. والد صاحب کي چيائون تہ هن ڇرئي کي روڪيو، هيءَ تہ ڪورٽ جو راهي ٿو ڏسجي، ڪٿي ڪو پنهنجي لاءِ ممڻ نہ ٻاري ڇڏي. والد صاحب (مرحوم سيٺ اسماعيل) سياڻو ماڻهو هو. هُن زماني ۾ ڪئين جنوني ڏنا هيا، ڪنهن ٻہ هنڌ رستو نہ روڪيائين. اُن وقت اديبن جو لڏو ويچارن ۽ واندن جو لڏو هو. وڏن اديبن جو نالو وڏو هيو، پر ڇوڪرات، جهڙا لوفر لڙا ليکبا هيا. گهڻو تڻو رومانٽڪ خيال، پر هيل هنن ڇوڪراتن سنڌ سان ٻہ ڪٽي رومانس وڏو. ڇڻ ڪنهن من موهڻي اپسرا من ۾ موهہ وجهي پئي ڇڪيو. اسان کي اِها خبر نہ هئي تہ وطن ۽ مٽيءَ سان رومانس ۽ عشق ڪرڻ وارا سوريءَ سزا وار ٿيندا آهن. سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ڇڻ باهہ تي گاسليٽ وڌو. وڏڙن اديبن ۽ دانشورن حيدر بخش جتوئي، غلام محمد گرامي، محمد ابراهيم جويي، جمال ابڙي، محمد عثمان ڏيپلائي، حفيظ قريشي سان ملو تہ ائين پئي لڳو تہ وس پڄين تہ ڪتاب پڙهائڻ ۽ پرائڻ ٻهاني گهاٽي ۾ ڏاند وانگيان جوٽي ڇڏين. پيا اسان ڇوڪراتن کان ڪجهہ وڏڙا اديب غلام رباني، رشيد ڀٽي، جمال رند، منصور، شمشير، ناصر مورائي، خواجہ سليم پارا ملن تہ چقمق جيان ڇڪين ۽ ونيو ادبي وعظ ٻُڌرائين. هاڻ ڪهاڻيون پيا لکون. 'سيمي' ڇپيو تہ ڇڻ پير ڌرتي تي نہ هيا. ائين ڪٽي "زندگي پبليڪيشن" ناهي سين. ڪڏهن جمال ابڙي، غلام رباني ۽ ناصر مورائيءَ جا ڪتاب پيا ڇپجن، تہ ڪڏهن ادبي تحريڪن ۾ ورڪر تي پيا هلون. پمفليٽ پيا ورهايون، تقريرون پيا ٻڌون تہ ڪڏهن ڳالهائڻ جو وارو مليو وجي تہ اُپ ڏري پئي وبو. جيجي بيگم زينت چنا جو ادبي حيثيت سان وڏو ناءُ هو. ماهوار "مارئي" پئي ڪڍيائين. معاون ٿي اڌ ايڊيٽري سکيم. سنڌ يونيورسٽيءَ جو نوجوان شاگرد پڙهڻ ۾ هوشيار، پر دل ئي نہ لڳي. ائين "روح رهاڻ" رسالو نڪتو. ڪيئن هٿ وڌم ۽ ڪيئن وک وڌايم، اج معجزو پيو پانيان! خالي هٿ، بنا پائي پيسي، ههڙو ڪم ڪيئن ٿيو؟ اجان ٻہ ويچار اِهي اٿم تہ "مون کي مون پرين ٻڌي وڌو ٻار ۾!" يارن جو زور ۽ بيگم زينت چنا ۽ محترم عبدالله چنا جي رهبري پهريون پرچو، اپريل 1960ع ۾ نڪتو. اِجهو سامهون سامهون شروعات ۾ شيخ

اياز جا بيت آهن. اجا بہ لوٽي واري لپاٽ نہ لڳندي؟

سدا آهي ساهہ کي، ڳيي جي ڳولا،
ڏؤ بنا ڏولا ناهي ساڄهہ سونهن کي.

رتي ناهي رت، ڇڙون مڙيون جنڊڙي،
ساٿي اُٿ سُتت، ساڙيون هن سماج کي.

اُن وقت بہ سماج جي هيٺ مٿانهينءَ ۾ زماني جي گرمين ۽ سردين جي مزاج کان اڻڄاڻ هيءَ مسافر تک تيز ۾ هليو پئي.

اياز جو گيت، جون واري پرچي ۾ ڇپيو تہ من ۾ هورا کورا وڌي ويئي.

پري پرينءَ جي لوءِ،
الا، اولوءِ ووءِ ڙي ووءِ!
سُري پتڻ تي آئي سانجهي پڳهہ نہ آيا پار
ايندا نيٺ تہ منهنجي من جا مانجهي اي منجهدار
آياجي نہ تہ پوءِ، الا، او پوءِ، ووءِ ڙي ووءِ!

شيخ اياز جو هيءَ گيت مون لاءِ شايد اشارو هو تہ واقعي پرينءَ جي لوءِ پري آهي! پر اُنهيءَ ئي پرچي ۾ شمشير جو غزل هو تہ:

اسين حال هيٺا، اوهان جي خُدائي- وڏي ڳالهہ آهي!
هلي پئي اجا زندگيءَ جي لڙائي – وڏي ڳالهہ آهي!
انڌيرن ۾ ٻلجي پئي روشنائي – وڏي ڳالهہ آهي!
اجان وقت کي پيئي ڳولي سچائي – وڏي ڳالهہ آهي!

ان سچائيءَ کي ڳولڻ لاءِ ڪجهہ سر ڦريا نوجوان، سنڌ جي پراڻن مسئلن، سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي واڌاري کي سچائيءَ ڏانهن هڪ رستوءِ وسيلو سمجهي گهر گهات ڇڏي اڳتي نڪري آيا هيا.

”روح رهاڻ“ مالي مسئلن جو شڪار ٿيو تہ ڳوٺ سڌار کاتي ۾ نوڪري ڪرڻي پئي. ڪجهہ وقت قصو هليو، پر والد صاحب جي حڪم تي نوڪري ڇڏيم جو پڙهڻو بہ هيو. صفا گهر بہ نہ ڇڏڻو هيو. سيڪڙات پڪي کي اباڻي گهر شام جو تہ وڃڻو ئي وڃڻو هيو. ڪو پنهنجو آکيرو تہ هوئي ڪونہ نوڪريءَ ۾ هجڻ ڪري دوست جمال رند کي ”روح رهاڻ“ حوالي ڪيم. اُن وقت ”روح رهاڻ“ جو رُخ پر کي نہ پيو سگهجي. اُن ۾

ڪڏهن عورتن جو حصو تہ ڪڏهن ٻارن جو حصو، ڪڏهن وري فلمي تصويرون ڏيٺيون پيون. جمال رند اُن ۾ تبديلي آڻي. سائيز گهٽائي، ڪجھہ نوان موضوع۔ شڪاريات، سياحت، وغيره وڌا، جن جو ماهوار رسالن ۾ هجڻ ضروري تہ سمجهيو ويندو هو پر پرچي جو منهن مهانڊو بنھہ ڦري ويو. نيٺ نوڪري ڇڏي پهتس ۽ ڪتابي سائيز ۾ "افسانا نمبر" ڪڍيم. جنهن وڏاري چوبول پيدا ڪيو. ائين پريس جا نوان قانون آيا ۽ سيني جا ڊڪليئريشن رد ڪيا ويا. "روح رهاڻ"، "مارئي"، "انسان" ۽ ٻيا ڪيترائي رسالا، ان سڄي عرصي ۾ ادبي لڏا چرپر ۾ رهيا. پڙهائيءَ جو جيڪو سال هليو ويو هو اُهو بچائڻ لاءِ ايل ايل بي بہ پئي ڪيم. 1963ع جو اهوئي مارچ جو مهينو هو جو مرحوم رمضان، جيڪو ڊي سي جي آفيس ۾ ڪلارڪ هو. "روح رهاڻ" جو نئون ڊڪليئريشن آڻي ڏنو. 1960ع کان 1963ع تائين اسان جي ڪچڙن ذهنن ۾ گهڻي پُختائي اچي ويئي هئي. سنڌ ۾ "ائنٽي ون يونٽ موومينٽ"، پولي ۽ ادب لاءِ هلايل تحريڪن ۾ ڏينهن رات دوست گڏ هيا. اصل ۾ سنڌ ۽ اُن جي ماڻهن کي سجاڳ ڪرڻ جو مسئلو هو. هنن کي خود آگاهي جو عادي بڻائڻو هو. شهرن کان ٻهراڙين تائين جڏهن ويندا هياسين ۽ جلسا ڪندا هئاسين تہ محسوس ٿيندو هو تہ خلق خدا جي پريشان تہ آهي، پر اسان جون ڳالهيون ٻُڌي حيران ٿي ويندي هئي. "روح رهاڻ" انهيءَ ڏس ۾ پهرين ۽ فيصلي جي قوت بخشيندڙ ڪنيل وک هئي.

شيخ اياز اُن معاملي کي هيئن پر کي ورتو، سندس نظم جو عنوان هو "نئون انسان":

هيءَ ميرانجهي سانجهي آيا ڏوڙ – ڏَئي جي جهول،
چاڻ ستارا ان مان نڪتا جرڪي سون سمان،
تيسين پنهنجيءَ مشعل ۾ جا آهي لاٽ اڏول،
تنهن تي وات سڄاڻي ويندا واتهڙو انسان!
ڏينهن ٿيا، ڪنهن شينهن اسان ۾ ناهہ ڪئي گجگوڙ،
هيءَ بہ غنيمت آ تہ ڪتي ڪو اونائي ٿو ڪوڪ،
نيٺ تہ بادل وسندا، پوندا مينهن بہ ماٺهوءَ پوڙ،
نيٺ تہ وجندي، گجندي، اُٿندي، آنڌي جيئن مخلوق.

سندس هيءَ نظم آگسٽ 1963ع واري پرچي ۾ ڇپيو. ڳالهہ ڳري، پر اسان لاءِ جڻ تہ سؤلي. اِجهو ٿا اياز چواڻي سوڀ حاصل ڪريون:

مان ڄاڻان ٿو، مان ڄاڻان ٿو، جر آ منهنجي جاڻ،
پڙڪي پڙڪي پنيت ٿيندي، جلندو هيءُ جهان،
آخر منهنجي سوڀ سنواريا، آخر تنهنجي آڻ،
تون رڪ هوندين، ڇيون ڇٽينديون ڪوئي نئون انسان.

”روح رهاڻ“ جي نئين دور شروع ٿيڻ تائين اسان جي شاعرن (ٻين صنفن جي ليکڪن جو ذڪر پئي موقعي تي) جي دنيا وسيع ٿي ويئي هئي. آبادي تہ وڌندڙ هئي پر نئون فڪر، نيون صنفون، نوان چهرا جڻ تہ پاڙهي پيا گهڙجن. سنڌ جي ڌرتيءَ پاسو ورايو هيو. سنڌ جو هر ماڻهو ڏاڍ ڏمر ڪي محسوس ڪري رهيو هو. نوجوان ٿهي هوئڻ بہ حساب ٿيندي آهي. شاعرن ڪٽي نئون علامتي وڳو پاتو. سنڌي شاعريءَ ۾ نيون صنفون نوان خيال ۽ نوان موڙ اچي ويا.

تنهنجي دنيا سڀ رنگ سانول،
مون وٽ روپ نہ ڪو بهروپ الا،
تنهنجي دنيا سج جا پاڇا،
منهنجي دنيا چنڊ جان گهايل،
مون وٽ روپ نہ ڪو بهروپ الا.

(نياز همايوني) سيپٽمبر 1963ع
يا وري سنڌس ”ورلاپ“ (آڪٽوبر 1963ع)

اونيئڙا ڙي اونيئڙا منهنجي وندر وئي وٽڪارن ۾،
جهل واڳ تہ ڪي واڪا ڪريان، من ڪهل پوي بر وارن ۾.

❊

هر ڪو ماڻهو موتيءَ داڻو،
هر ڪا دل هيرن جي کاڻ،
ڄاڻي ڏس تہ سهي اڻ ڄاڻ!

(تنوير عباسي) ”روح رهاڻ“ آڪٽوبر 1963ع
نارائڻ شيام جا دوها ۽ سورٺا نومبر 1963ع ۾ ڇپيا:

كيڏان اُسڙي-ڇانوڙي، كير پيهيندو جنڊ،
كير ٿڦيندو روٽلا، هيءَ تارا يا چنڊ.

روشن آئيندو گهرين، پيچ مانڊيءَ جو منڊ،
ونجي ويندو چنڊ نہ تہ ونجي ويندو چنڊ.

اُنهيءَ ساڳئي پرچي ۾ اياز جو هڪ ننڍڙو نظم ڇپيو:

لڙي پيهري، لانڍي، ٽانوَ
پنڊيءَ ۾ پار ٿو ڊوڙو
اڏريا هيٺ كنڊيءَ تان كانوَ
جن سان گڏجي كو نينگرڙو
كائي وينو
ڳتيءَ ڳتيءَ سان ڳائي وينو.

1963ع وارن پرچن ۾ امداد حسيني جا نظم نئين سماجي فكر كي كنيو بيٺا هيا. اُن سان گڏ شمشير الحيدري، اُستاد بخاري، محسن ككڙائي ۽ ٻيا هڪ نئين سوچ جا اڳواڻ هيا.

هيءَ هڪڙو جديد فكر هو، جنهن ڳالهہ كي سڀني سمجهيو پئي، جديد ۽ قديم جي جنگ شروع ٿي چكي هئي. اياز جو پهريون مضمون "روح رهاڻ" سيپٽمبر 1963ع ۾ "جديد ادب جي اهميت" ڇپيو.

"مون سان گڏ سنڌ جي نئين اُمنگ، نئين فكر ۽ اُن جي حامين جي جديد ڇا آهي: قديم ڇو آهي ۽ جديد ڇو آهي، ان جو صحيح شعور ۽ شناس وسيع مطالعي ۽ گهري فكر سان ملي ٿي. قدامت ۽ جدت ۾ قابل قبول ڇا آهي ۽ انكار جي قابل ڇا آهي، اُن جي پرک جنهن نظر جي گهرائيءَ ۽ دل جي وسعت جي گهرج آهي، اُها هر كنهن جو نصيب نہ آهي. ادب ۾ جديد ۽ قديم جو قصو، كم نظريءَ جو دليل بہ آهي ۽ بالغ نظريءَ جو بہ، كم نظريءَ جو دليل ان سبب كري آهي، جو جديد كان جديد ترين شاعر ۽ اديب بہ پنهنجي ماضيءَ كان بلكل منحرف نٿو ٿي سگهي. بالغ نظريءَ جو دليل ان سبب كري آهي، جو هر سچو فنكار كنهن جي بہ نقش قدم تي هلڻ كان پاسو كندو آهي ۽ پنهنجي منزل، پنهنجي راهہ پاڻ متعين كندو آهي. ازرا پائونڊ جو هڪ عجيب، غريب

نظم، جو هن آمريڪا جي بهترين شاعر والٽ وٽمئن متعلق لکيو آهي، هڪ منفرد شاعر جي نفسيات جو صحيح جائزو آهي:

I make a Pact with You, Walt Whitman!
I have detested you long enough,
I come to you as a grown child,
Who hashad a Pig- headed father,
I am old enough now to make friends,
It was you that broke the new wood,
New it is a time for carving,
We have one sep and one root,
Let ghere be commerce between us.

)مان توسان معاهدو ٿو ڪريان، والٽ وٽمئن!
مون توسان ڪافي وقت نفرت ڪئي آهي،
مان تو ڏانهن ائين ٿو اچان، جيئن بلوغت تي پهچي،
اولاد، ڪم فهم پيءُ ڏانهن موٽي ايندو آهي.
هاڻي منهنجي بالغ نظري ايتري آهي، جو تون مان دوست ٿي سگهون،
تو نئون ڪاٺ ڪپيو هو، اڄ ان تي نقش طرازيءَ جو وقت آهي:
اسان جي جڙ ۽ گونچ ساڳيا آهن،
بهتر آهي تہ تنهنجو ۽ منهنجو سمجهوتو ٿئي.)

**

هيءُ ”روح رهاڻ“ جو نئون پر ابتدائي دور آهي، 1964ع ۾ شيخ اياز جون لاءِ 1964ع کان وري نظر اچي ٿو. سندس بيتن جو عنوان ٿي هو: ”سنڌڙي تنهنجي سيند ڏسي، رات پٽائي گهوٽ رُنو.“

توکي ساري سنڌڙي، ساري پٽ ڏٺي،
مور نہ ٿيندي مارئي، ٻي ڪا ماءُ جڻي،
تنهنجي پير پٽي، ڏات سموري ڏيهہ جي.

روئي پيئي رت، سڏڪا پري سنڌڙي،
وهہ تي لڳو وات ۾ پينر مون کي پٽ،
هيءُ پورو پربت، آخر ڪيئن پٽون ٿئي؟

هيءَ بيت سندس جوش ۽ جذبي جو اظهار هيا، ڇاڪاڻ تہ اهو ئي 1964ع آهي، جڏهن شيخ اياز جي مجموعي ”پونر پري آڪاس“ تي سرڪار بندش وڌي هئي.

مون اُن پرچي ۾ پنهنجي ”رهاڻ“ (ايڊيٽوريل) ۾ لکيو هو:

”شيخ اياز جو فن زندگيءَ جو علمبردار آهي. سندس قول ۾ سندس مجموعہ ڪلام موجب: هيءَ نہ برگ سبز آهي نہ تحفہ درويش. هيءَ ڪويل جي ڪوڪ آهي، ڏسجي تہ اها رات جي انڌاري ۾ گُم ٿي وڃي ٿي يا وقت جي هانوَ ۾ ٻڙڇي ٿي لڳي ٿي.“

”اسان کي يقين آهي تہ سندس آواز رات جي انڌاري ۾ گم ٿي نہ سگهندو، ڇاڪاڻ تہ اسان صبح جا روشن سپاهي آهيون. رات جي انڌيرن جي هانوَ ۾ اسان پنهنجي تخليق جون سنگينون هڻي، ڪوڙ جا سڀ ڪوٽ ڪيرائي، 'سچ' جي روشني ساڻ ڪٺي صبح کي جنم ڏيندڙ آهيون...“

”حڪومت هڪ طرفو فيصلو ڏيئي، اياز جي مجموعہ ڪلام 'پونر پري آڪاس' تي بندش وجهي، سنڌي ادب جي حق تلفي ڪئي. حڪومت جي ان قدم کي سنڌ توڙي پاڪستان جو ڪو بہ صالح ۽ باشعور فرد سٺي نگاهہ سان نٿو ڏسي، ان مسئلي کي ڪن مفاد پرست شخصن اشتعال انگيزيءَ سان هوا ڏني آهي، جنهن ڪري حڪومت ۽ باشعور فردن جي تعلقات تي غلط اثر پوڻ جو انديشو آهي. اسان جي حڪومت کي پر زور اپيل آهي تہ اياز جي مجموعہ ڪلام 'پونر پري آڪاس' تان بندش هڪدم هٽائي وڃي.“ (ح-س)

شيخ اياز جي ڪلام ۾ هيءَ سونهن پر ڪيو ۽ ڏسو:

ڌرتي چمڪي، واري اُڏري، رائو، ڏينهن تتو،
هرڻي هونءَ بہ مرڻي، پر جي ماري رڃ رڳو.
جُڳ جُڳ جو جادو آ تنهنجي سانجهي جيسلمير،
تل ترائي تي اڏري جي ڪونج وجهي پاڇو.
پٽ پٽيهر پير اسان جا سامهون ساري ريت،
ڪيچ اسان سان پيچ نہ پائي، آ پنهور پلو.
(”روح رهاڻ“ آڪٽوبر 1964ع)

شيخ اياز نومبر 1964ع واري ”روح رهاڻ“ ۾ هيئن به لکيو هو:

تون ياد ڪجانءِ!
سنڌ ۾،
منهنجي موت کانپوءِ،
جيڪڏهن،
پئي ڪنهن جو شعر،
زنده رهندو،
ته اهو ائين اُسرندو،
جيئن ڪمند جي،
هڪ فصل ڪپڻ کانپوءِ،
ٻيو فصل
ان جي جڙ مان
خود نسري ايندو آهي.

پر ٿيو ائين ته سنڌس جيئري گيتن ۽ نظمن جا ٻج ائين چوڌاري ڇنڊجي ويا جو هم فڪر ۽ هم خيال شاعرن جي هڪ وڏي کيپ تيار ٿي وئي. شمشير الحيدري، امداد حسيني، تنوير عباسي، قمر شهباز، استاد بخاري، تاج بلوچ، فتاح ملڪ، سرويچ سجاولي، نعيم دريشاڻي، پروانو ڀٽي، عبدالڪريم پلي، گدائي، واسديو نرمل، گورڌن ڀارتي، ارجن حاسد، لڇمڻ ڪومل ۽ ٻيا ڪيترا جن سنڌ جي شاعريءَ کي نه رڳو سنواريو ۽ سينگاريو، پر هڪ فڪر کي عام ڪيو. اِهو سال 1965ع ٿي هيو، جڏهن دوستن ۽ ساٿين فيصلو ڪيو ته هن سال ”جشن روح رهاڻ“ ملهائجي. مبهم خيال، اشفاق قاضيءَ ڏنو. اُن ۾ رنگ ڀريندڙ خواجه سليم، امداد حسيني، شمشير الحيدري، غياث جوڻيجو ۽ ٻيا ساٿي هئا، پر جن پل پل پٺي [illegible] لڌي، اُهي هيا جيجي بيگم زينت چنا ۽ محترم عبدالله چنا.

جشن روح رهاڻ 4 اپريل 1965ع جي موقعي تي اسان ”سالنامو“ ڪڍيو، ڪئلينڊر ڪڍيو ۽ سووينيئر تيار ڪرايا. سڄي سنڌ جا اديب شاعر ۽ سڄاڻ سنڌي اچي گڏ ٿيا.

مئي 1965ع ۾ ”جشن نمبر“ ڪڍيوسين، اُن جي ايڊيٽوريل نوٽ ۾ مون لکيو هو:

"... مشاعرو شروع ٿيو. شيخ اياز جنهن لاءِ ڪنهن بزرگ چيئي ڏنو تہ پٽائيءَ جي چاڙهيل ڪُني، سچل جنهن جو ڏيکڻ لاٿو: اياز انهيءَ ڪني کي ڪٽي پاٽ ۾ پيرٿيو آهي ۽ مون بہ چيئي ڏنو، 'شيخ اياز اڄ جو سچ سياڻ جي تاريخ آهي، اياز اڄ جي جذبن ۽ قدرن جو علمبردار آهي.'

شيخ اياز جي صدارتي تقرير حقيقتن ۽ سچ جي اها تکي تلوار هئي، جنهن هٽي انهيءَ ياد پريل آڏ کي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو. چوڌاري هڪ منڙي روشني ڦهلجي وئي، هڪ هڪ چهرو ٻهڪي رهيو هو، هُو هر پڪار ۽ سڏ جو جواب ڏئي رهيا هئا. اياز اسان کي جاڳائي رهيو هو. اياز وقت کي آواز ڏئي رهيو هو، اياز زندگي کي زنده ڪري رهيو هو:

"هيءَ سين نہ ڏيندي چين، اُتي ڏس ڪوئي آيو آ پيارا."

اياز کُلي پيو، سندس هر اکر، اکر کي ٿي پيٽيو، هو اڄ او مهراڻ جنهن جو نہ پٽي، نہ هو پتو. هن جَرَ جي جهاڳ مٿان ديپ جلايو هو، هو چو نہ چوي؟

هيرا تہ ڏسو، ڪنڪر نہ هٽو، ايندو نہ وري هي وڻجارو،
ڪجهہ ڏات ڏسو، پوپان ڪيو، هي شور اجايو آ پيارا.

هن پنهنجي سچ جي چار ۾ اسان زندگي ۾ پيٽل ڪوڙ جي سُري جي جيتن کي جڪڙي ڇڏيو، اسان کي غذا ئي ڀي ٿي ملي. پيام ئي نئون مليو، اسان لاءِ اميد جزيرو بڻجي پئي. 'آخر هيءَ رات گذرڻي آ، تو چو گهبرايو آ پيارا.'

چوڌاري ايامن کان ستلن جو ميڙ هو. هو اڄ جاڳي پيا هئا، هو هر انهيءَ غيرت جي تير تي ڦٿڪي ٿي اٿيا، جو ڪنهن مسڪين شاعر کان زبان جي ونگ مان نڪري ٿي ويو. ڪير هو جو سچ کي روڪي، ڪير هو جو روايت کي روڪي، ڪير هو جو تاريخ کي روڪي، ڪير هو جو هن اٿاهہ ساگر کي روڪي.

اسين مڙڻ جا ڪينڪي آهيون پلي ڪريو سو ڦند ڪٽي.

اسين پٽڪي پٽڪي اڄ ماڳ پهتاسين. اسان اڄ منزل پاتي هئي، اسان کي سڀ ڪجهہ ملي ويو هو. اياز تہ ائين بہ چيئي ڏنو:

هيءَ پريو پنيور چا ڪافي نہ آهي!
اي چري، ڪنهن ڏي وچين ٿي، ڪيچ ڪاهي؟

هر شاعر پنهنجي جذبي ۾ سرشار آيو تي ۽ ائين ئي لڳو، جڻ هن زندگيءَ جو حق ادا ڪري ڇڏيو، جڻ هن سچ چئي ڏنو. هاڻ پلي ڪير سقراط وارو پيالو سندس لبن تي رکي، هو پي ويندو. مان اياز سان اسٽيج تي ويهي چوڏاري ڦهليل اڏمن جي راند ڏسي رهيو هوس.

اياز جيڪا تقرير ”جهول ۾ گُل ۽ هٿ ۾ مشعل“ ڪنئي هئي، انهيءَ مان ڪجهه ٽُڪرا پيش ڪجن ٿا:

”ڪيتريءَ مدت کان سنڌ ۾ منهنجي فن ۽ فڪر لاءِ محبت جو اظهار به ڪيو ويو آهي ۽ نفرت جو به، مون پنهنجيءَ مخالفت کي اهميت نه ڏني آهي ۽ جنهن لاءِ نه مون کي رغبت آهي ۽ نه فرصت، پر متان خاموشي نيم رضا يا اعتراف سمجهي وڃي، ان ڪري اڄ مان اوهان جي اڳيان سنڌ جي جديد فن ۽ فڪر سان گڏ ان جي ڪيل مخالفت جي باري ۾ به ويچار پيش ڪيان ٿو...

... ادب جو دليل منطقي نه آهي، پر پوءِ به منطق کان وڌيڪ مڃائيندڙ آهي. ادب انساني روح کي يڪدم گرفت ۾ آڻي، اُن تي هڪ پائدار تاثر ڇڏي ٿو ۽ انهيءَ تاثر جو عملي زندگيءَ جي تشڪيل ۾ وڏو هٿ آهي. شاعر جي قول ۽ فعل ۾ جيڪڏهن ڪوئي تضاد نه آهي، جنهن لاءِ هر فڪر هڪ عمل جو پيش خيمو آهي، ته هن جي شاعريءَ کي پيغمبريءَ جو درجو ملي ٿو، پر منهنجيءَ نظر ۾ هن جو هر قول هڪ فعل آهي ۽ ان جو نتيجو، جي هن لاءِ نه، ته هن جي قوم لاءِ يا پوريءَ انسانذات لاءِ لازمي طرح عمل آهي. مان ادب جي آدرش تي سوچي انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان ته ادب اديب جي روح جو اظهار آهي ۽ اهو اظهار بنا مقصد جي نه آهي ۽ ادب جي زبان، جا ان جي اظهار جو ذريعو آهي ۽ پوري قوم، جنهن تائين ادب جي رسائيءَ لاءِ انهيءَ اظهار جو سهارو ورتو وڃي ٿو، جڏهن انهن سڀني جو وجود، ڪنهن ٻاهرئين يا اندرئين خطري سبب، خاتمي جي قريب نظر اچي ٿو، تڏهن ادب جو پنهنجيءَ حفاظت کان وڌيڪ ۽ ان ڪري لازمي طرح پنهنجيءَ زبان ۽ قوم جي حفاظت کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو مقصد ٿي سگهي ٿو! اهو لازمي نه آهي ته هر وقت ادب جو مقصد سياسي يا سماجي هجي، پر مٿينءَ حالت ۾، ٻئي ڪنهن مقصد جي گنجائش گهٽ آهي، ادب ۾ سياسي، سماجي مقصد جو اظهار

جي راند‘ ۽ ’سسي نيزي پاند اڇلڻ‘ هر ڪنهن جي وت ۾ نه آهي.

مون هميشه انفراديت پرستيءَ ۾ فرق ڪيو آهي، انساني زندگي اجتماعي آهي ۽ انفراديت پرستي ان لاءِ مُهلڪ آهي. باقي انفراديت هر عظيم فنڪار لاءِ ايترو ضروري آهي، جيتري گلو لاءِ خوشبو. هر عظيم فنڪار هڪ جوڙتهار آهي ۽ پنهنجيءَ ڪائنات جو جوڙيندڙ آهي. فن زندگيءَ لاءِ هوندي به، ان کان مٿيرو آهي. فن جي ڪمال ۾ زندگيءَ جي روحانيت جي تڪميل آهي. هر عظيم شاعر جي سٽ ڏسي يڪدم انهيءَ نتيجي تي پهچجي ٿو ته اها خوشبوءِ فقط هن جي روح جي ٿي سگهي ٿي. مون ڪڏهن به عظيم فن کي ڏسيل راهه يا پيري جو محتاج نه ڏٺو آهي. فن هميشه اڻانگي واٽ ورتي آهي، جنهن تي اڳ ڪنهن به پکيءَ جو پاڇو نه پيو آهي. عظيم فن جي منزل ان جي پهرئين قدم تي به شروع ٿئي ٿي ۽ ان جي پوئين قدم تي به رسائيءَ کان دور نظر اچي ٿي. عظيم فن ازل کان ابد تائين ٻرندڙ شعلو آهي، جنهن تي مثل سڏ پنڌ ڪانپوءِ بدلجندي رهندي آهي. ان کان سوا اها جوت جتاءِ نه ڪري سگهندي آهي...

... وقت جي ڪميءَ سبب مان جديد فن ۽ فڪر تي مفصل بحث نٿو ڪيان ۽ آخر ۾ ان ساريءَ سنگت جو احسان مڃان ٿو. جنهن مون کي هن مشاعري جي صدارت جو شرف بخشيو آهي ۽ سنڌ جي نئين فڪر ۽ فن جي جرات سان حوصلا افزائي ڪئي آهي. روح رهاڻ رسالو جديد ادب جي اشاعت ۾ اڳرو رهيو آهي ۽ ان جي ارادي، هر مشڪل جي باوجود، جدت پسنديءَ جي حمايت ڪئي آهي، جنهن لاءِ جناب حميد سنڌي ۽ هن جا سنگتي مبارڪباد جا مستحق آهن.“

انهيءَ جشن ڪانپوءِ ڏينهن ئي به لڳا، جو انهيءَ مهيني مئي 1965ع ۾ شيخ اياز کي حيدرآباد مان شهر بدر ڪيو ويو، جو پاڻ ڪنهن جلسي ۾ صدارت لاءِ سڏيل هو. حيدرآباد لا ڪاليج ۾ فنڪشن رکيل هو، جنهن کان روڪڻ لاءِ منجهند جو ئي ڪوٺڙيءَ مان ريل رستي پوليس جي پهري ۾ ڪيس سکر روانو ڪيو ويو. اصل ۾ ”جشن روح رهاڻ“ جي اجتماعي اثر ۽ انقلابي رُخ قدامت پسندن کي پنهنجي هٽ نه چمڪڻ سبب مٿس ڪئين الزام هڻي، شهر بدر ڪيو ويو.

جون 1965ع ۾ پرچو ڪڍيوسين ته اُن جي ٽائيٽل تي سنڌس تصوير هئي ۽ رت جي ڇنڊن سان لکيو ويو هو:

هيرا ته ڏسو ڪنڪر نه هئو، ايندو نه وري هي وڻجارو،
ڪجهه ذات ڏسو پو بات ڪيو، هي شور اجايو آ پيارا.

اياز اُنهيءَ پرچي ۾ هڪ بيت وسيلي ڇڻ پڇيو پئي:

ڪڏهن ڪرندي ڪاڪ، ڪڏهن ملندو ميندرو،
پڇان وڏي واڪ، سڏ ٻه ڏي ڪو سنڌ ۾؟

اُن موقعي تي مون پنهنجي ايڊيٽوريل نوٽ ۾ هيئن لکيو هو:

ڪنهن به انقلاب کي تيستائين سچو انقلاب نٿو چئي سگهجي، جيستائين اهو انقلاب انسان کي ذهني غلاميءَ کان ذهني آزادي ڏانهن نه وٺي وڃي. ماضيءَ جو هر دور، حال جو هر وهڪرو، مستقبل جي هر اميد، ذهني انقلاب جي تاريخ ۽ ان جو پورو دستاويز آهي، جنهن کان انڪار ڪرڻ انسان جي ذهن جو ڏيوالو آهي. قدرت جو هيءُ نظام ارتقا جي هر صورت ۾ تشڪيل تي ٻڌل آهي. ارتقا، انسان جي هر عمل جو بدلجندڙ ۽ سُلجهيل روپ آهي، جو انسان جي ذهني شڪل آهي.

اسلام جو خود هڪ بنيادي نظريو اهو آهي ته خلقڻهار انسان کي آزاد خلقيو آهي پر هن پاڻ کي زنجير وجهي ڇڏيا آهن. انسان جو ڇوٽڪارو انهن ذهني انقلابن ۾ آهي جي وقت بوقت پئي ٿيا آهن ۽ هر انهيءَ سچ، جذبن ۽ قدرن جي علمبردار وقت، وقت مطابق انهن لاڙن جي اڳواٽي پئي ڪئي آهي، جن ڪوڙ کي ڪوڙ ۽ ڏوڙ کي ڏوڙ ۽ جنمن جي سڙيل رڪ کي رڪ پئي ثابت ڪيو آهي. انهن علمبردارن هر دور ۾ پراڻن ذهني بخين کي پئي اُڌوڙيو آهي. سندن هر تبديلي ۽ ذهني انقلاب جو پيام، پراڻن مڙهين جي مڙدن لاءِ قاتل بڻجندو رهيو آهي ۽ پوءِ هو هميشه انهيءَ زهر کان بچڻ لاءِ هر ترياق ڪم آڻيندا آهن ۽ آخر ۾ اچي مذهب جو هٿيار ڪڍندا آهن.

اڄ ذهني انقلاب اچي چڪو آهي، نوان لاڙا، نئين رچ، نئين اُڃ، هر دور تي حاوي آهي، هر اهو ذهن، جو نئين ڳالهه ڪنيو ٿو اچي، اڄ جي سچ جو علمبردار آهي ۽ سيان جي هو تاريخ آهي، هن جديد ادب ۽ نون لاڙن جي تحريڪ جو هر فرد پاڻ انقلاب آهي. اڄ جي پراڻين مڙهين

جي رکوالن مذهبن جي آڙ ورتي آهي يا شيخ اياز تي حيدرآباد ۾ پابندي وجهرائي آهي تہ انهيءَ سان تحريڪ ختم ڪانہ ٿيندي هر نوجوان نئون ذهن ڪنيو پيو اچي، هو لڪير جو فقير نہ آهي، زندگيءَ جي هر حقيقت کي پروڙي ڪوري مان پچي نڪري ٿو. ان تي جيڪا بہ پابندي وجهبي، هو تيئن پڙڪندڙ لاٽ بڻجي پراٽيون مڙهيون ساڙيندو ۽ وڌندو هلندو.

شيخ اياز تي پابندي ڪا سندس خيال تي پابندي نہ آهي. ثابت ٿي چڪو آهي تہ شيخ اياز تي ڪي سياسي ۽ اليڪشن جا ڪوڙا الزام لڳائي، حڪام اڳيان غلط ڳالهيون پيش ڪري، هڪ طرفو فيصلو ورتو ويو آهي. انهيءَ لاءِ انصاف جو مطالبو ڪجي ٿو ۽ اسان کي خبر آهي ۽ هر روشن خيال فرد ڄاڻي ٿو تہ هن دور ۾ ڪير بہ ڪنهن جي ذهن ۽ زبان تي بندش وجهي نٿو سگهي. انصاف حق ۽ سچائي انسان جي فطرت آهن، هو جان لڙائي بہ ڪوڙ ثابت ڪندو ۽ جڏهن وقت سندس ساٿ ڏيندو، روشن لاٽ سان هيءَ واٽ روشن ٿي ويندي، ذهني تبديلي اچي رهندي، تحريڪون هلنديون رهنديون، نوان ساٿي ساٿ ڏيندا رهندا. هر اياز جي شهيد ٿيڻ تي ڪئين نوان اياز پيدا ٿي پوندا. مڙهين جا مڙدا ڪنهن تي بندش وجهرائي ڪنهن تي وجهرائيندا، جب لهو پڪاري گا آستين ڪان.

اياز تي پيل بندش کي هر باشعور طبقي ڏاڍي ناپسندگي سان ڏٺو آهي ۽ ڀانئجي ٿو تہ اهو قدم ڪنهن غلط فهميءَ جو نتيجو هو ۽ انهي ۾ گهٽ شرپسند فردن جو هٿ هو. اسان جو اختياري وارن کي عرض آهي تہ انهيءَ معاملي جي تحقيقات ڪرائين ۽ جن فردن انهيءَ ۾ حصو ورتو آهي، انهن کي ڪڙي سزا ڏين، جن وڪالت جي پيشي ۾ شاگردن جي نالي کي استعمال ڪري ان تي هميشہ جي لاءِ ڪارا داغ لڳائي ڇڏيا آهن. حڪام کي اها ڳالهہ پڻ واضح ڪرڻ گهرجي تہ بندش جو وڏو سبب ڪهڙو هو؟ جنهن مقامي اخبار غلط سبب ڄاڻائي اياز تي ملحد ۽ ڪافرپڻي جو سرڪاري الزام ڄاڻايو آهي، انهيءَ کي پريس ائڪٽ تحت عبرتناڪ سزا ڏني وڃي، جيئن ان جي هميشہ واري روشن ختم ٿي وڃي. ڇاڪاڻ تہ امن ۾ وِگوڙ وجهڻ ۽ ٻن طبقن درميان منافرت ڦهلائڻ جي پاڙ ئي اها اخبار آهي.

مان آخر ۾ شيخ اياز کان حيدرآباد جي باشعور سنڌي حلقي طرفان معذرت خواهه آهيان، جو اسان هڪ عظيم شاعر جو پورو قدر نـه ڪري مهمان نوازي جي روشن روايت کي تاريڪين سان تاراج ڪري ڇڏيو. انشاءَالله اسان ڪيس وري جلد ڪوٺائينداسين ۽ سنڌس شايان شان استقبال ڪري اکين ۾ جاءِ ڏينداسين ۽ هو ائين چئي اسان جي وچ ۾ رهندو:

مان ايندس، مان ايندس، تو وٽ سپني سان ساڻ،
آڳ اکين ۾، راڳ چپن تي، آهه منهنجو اهڃاڻ.
(حميد)

هيءُ احوال اڌورو آهي ۽ 1965ع تائين يادگيرين جي حوالي سان آهي، حياتي رهي تـه "اياز" جي انقلابي شعر ۽ وک وک تي هن سجاڳ شخصيت جو احوال "روح رهاڻ" جي حوالي سان جلد لکي "مهراڻ" جي حوالي ڪبو.

شيخ اياز ويندو رهيو پر سنڌس روح کي چين مليو تـه اسان ڪٿيو.

هيءُ سين نـه ڏيندي چين، اُتي ڏس ڪوئي آيو آ پيارا،
هيءُ شايد ساڳو رمتو آ، آڳ جيئڻ اُڃايو آ پيارا.
جنهن وقت جراغ شام ٻري ۽ ميخاني ۾ جام ٻري،
تنهن وقت اسان جي پنڌ ٻري، پنهنجو بـہ پرايو آ پيارا.
جنهن وقت اسان جي تند تپي ۽ ساز تپي آواز جهپي،
تنهن وقت ٻلي ڪو ڪنڌ ڪپي، جو آيو ڳايو آ پيارا.
(جشن روح رهاڻ 1965ع ۾ پڙهيو ويو.)

ڪورو آهه ڪڏهن کان پيارا، آءُ اُمايون دِلوا! هُو،
ماڻهوءَ جو ايمان ٿيو آ رب مان ڪيڏو دِلوا! هُو،
جڻ سارو ويران لڳي ٿو روحانيت ـ ڳِلوا! هُو،
آ اڳ جئن وساهه ٻلو، اڄ تنهن جو ڪيون ٻلوا! هُو.
(شيخ اياز)

**حميد سنڌي**
**حيدرآباد**

# غزل

پَلي آس تر مان نہ آ توهرن،
پتائي! ڏسين تو وچون تيون ورن؟

اُتر ڏانهن ٻڪرال ٻهڪا ڪيا،
ڪري ونگ اڳم اڃهو ٿا وسن!

ٻون ٿا نوان ڳنڍ ڳنڍير ۾،
پتن تي وري ڪر ڪنيا ڪونپتن.

جهلن ٿا پيا جيء جا جهولڻا،
چُلن ٿا، متاهان چمر ٿا چُلن!

ٻنا پوڙ وسنديون ٻکر پوس تي،
گهٽي وقت ڪان ٿيون گهٽائون گُڙن.

سوين ڪيت تنهنجا، سوين ماروئون،
نہ زيريون نہ زنجير جن کي جهلن!

پڳائون ڪڙا ڪوڙ جي ڪوٽ جا،
پليا ڪونہ پيرن متان پيڪڙن!

پر تي ڏينهن واهيت ڪندا هي وزير،
نہ چؤگان رهندا، نہ چاري مٿن.

ڏنئہ سڌ اهڙي، سوين سيڪڙو،
مٿن تي مِڙي ويا، پيو پيا پئن.

ڪٽي چنگ چارڻ اُچارڻ لڳا،
اُهي ٻول، ڪلمہ پڙڪ ٻاقي نہ جن.

سوين سڌ تن جا پڙاڏا هزار،
اُپي ڪان لمي گيت تا گونججن.

ڏنو ڏيهہ آ ڏُرت. ڏاو ڏُڪار،
ڪرين ماڙ ڪائي تہ مُوذي مرن!

سڄو ڏيهہ ڏاتا ڪري جي اُپا،
لڪين عيد جا چنڊ اُپري پون!

نہ جهانگي جهن ڪنهن بہ جهوريءَ هتي،
نہ سانگي ڪنهين کي بہ سُنگي ڏين!

ڪتيريون مٿيريون ڇپر ڪٽ تي،
ڏئي حال احوال، ڦاٽا سين!

وهن ائٽ، ٻهڙا ڪٽي ٻائڙيون،
آسُر ويل نوڙي گهرن ۾ گهرن!

سدا مامتا جي رکين لاج تون،
سدا ڇٽنگ ٻارين وساٽل چُلهن!

نہ مارنگ تن جا اُجهاميل ڏسان،
نہ آونگ تن جا آپوڳا لڳن!

ڳيئي لاءِ ڳولا ڪُتي ديس جي،
نہ لولا لُڇائن، نہ لوليون لُڇن!

نہ پورهيت پڌن پيٽ کي هُئن پٽيون،
نہ هاري ڪڏهن رت سان ريج ڪن!

جڏهن رات ٿئي، ننڊ جي گود ۾،
سڄو وقت مارو ستابا سُمهن!

سدا هير تن جو هندورو ٿئي،
سدا امن آزادگيءَ ۾ اُٿن!

ڪڏهن سنڌ جي سينڌ ميري نہ ٿئي،
ڪڏهن موڙ تنهن جا نہ مُرجهائجن!

وسي پيٽ تنهنجي پلارا سدا،
پلي ديس پرديس سارا وَسن!

اسان سنڌ وارن ازل کان ”اياز“،
ڪنهين لاءِ مَندي سمائي نہ من.

## غزل

هتي لوءِ جي ڪانءُ پوندءِ لڪا،
اڏي ويهه منهنجي ٻنڌر ۾ پَٽڪا!

وري سار دل تي تري آئي آ،
وڌاسين اوهان لئه اکين جا اکا.

اُڪيرون اُڪيرون ڪٿيريون ته ڏس!
اڙي ڏيهه، تنهنجا اجايا ڏڪا!

هلو، پٽ پاسي وسايون وکيون،
ڏناسين، ڏناسين، ولهن جا وکا!

"اياز" اڄ ڪراچي ڏٺي ڏينهن ٿيا،
ڏسي ڪير ايڏا مئيءَ تي مکا!

❑

## غزل

تـئـي شـال كـوئـي پُـلـيءَ جـو پـلـو ڙي،
وري پـٽ پـاسـي هـلـو ڙي، هـلـو ڙي!

رڳـو هـانـو جـو ڏي، سـو كـيـسـتـائـيـن؟
نـہ كـا آهـہ پـيـٽـي، نـہ كـو پـر جهـلـو ڙي!

سـچـو سـور آهـيـان، پـلا كـٿـن نـہ ڊانـهـيـان!
اجـا ڳـيـچ ڳـايـان؟ گُـهـتـيـن تـو گـلـو ڙي!

ڏسـان شـال پـيـهـر اُتـي جـون اُڏارون،
ڏنـو ٻُـٽ مـنـهـنـجـي ولـر كـي ولـو ڙي!

اسان جون انهن سان اكين جون اُميريون،
پـهـي! كـيـئـن آنـد ۽ پـرين جـو چـلـو ڙي!

”ايـاز“ اڄ پـيـا يـاد ورهـيـن وڇـوڙيـل،
اكـيـن جـي اڳـيـان كـو تـلـي تـو تـلـو ڙي!

❑

## غزل

سکي! پيا کي ملين تہ چئجانءِ چاندني تو سوا نہ ٿيندي،
اچين تہ منهنجيءَ اماس ۾ آءُ، چو تہ ٻي رات ڪانہ ايندي!

ڪڏهن بہ تو تي دوار دل جا نہ پوٽيا، تون پيلي هلي آ،
ہہ لڙڪ آلا ڪڏهن بہ هوندا، متان چئين آجيان نہ ٿيندي!

نہ ديپ دوهانتجي ڪڏهن هي، لِلات جي لاٽ شال جرڪي!
پرهہ پري آ، پتو نہ آهي تہ رات ڪيسين ڏهاڳ ڏيندي!

پکي پروڪا اچا نہ آيا اُڪير تن جي هُري رهي آ،
اُداس سر تي هوا اُتي جي، چئي پئي ڪا اُڏار ايندي.

پرار تي ڪا پُڪار آهي مگر اڳيان تک تار آهي،
ڪٿي اسان جي اُڪار آهي، "اياز" ڪيڏانهن ناو نيندي؟

❑

## غزل

هيءَ هُر ڪُر رين بسيرن جي،
ٿي ويندي ساک سويرن جي.

جي واڳ وٺين ها ڏاگهن جي،
چو ڪاڻ ڪڏين ها ڏيرن جي؟

او شال! عقابن سان اٽڪان،
مان واهر ٿي واهيرن جي!

آ رات لڙي، هو اچڻوآ،
تون ڇوڙ نه پايل پيرن جي.

مون مرڪي پنهنجو پاند ڏنو،
رت آئي ڳاڙن ٻيرن جي!

ميهار ملڻ جي ويلا آ،
ڪر ڳالهه گهڙن ۾ گهيرن جي.

ٿي ساري سنڌ "اياز" نچي،
ڇا ڇم ڇم آندءِ ڇيرن جي!

□

## غزل

مان ٻار تہ ناهيان اي جيجل،
جو چنڊ ڏسان آئيني ۾!

ڪا آرتي آترويلا آ،
جا ڳهاو وجهي ٿي سيني ۾.

هو ٻرڪا ٻرڪا اڇڙو آ،
پر ڪهڙي ماس مهيني ۾؟

ڪو ساحل ساحل سپنو هان،
مان ساري رات سفيني ۾.

هي ديس پري ٿو نفرت سان،
هي ديس ڪڙهي ٿو ڪيني ۾.

تو امرت لاءِ "اياز" ڏسان،
مان پنهنجي خون پسيني ۾.

❑

(سفينو - معنيٰ: ڪشتي، ٻيڙو)

هن انڌي ديس انڌيري جي،
تون سورين ڳالهہ سويري جي!

ڪو ڏوٻي گهاٽ تہ ڳولي ڏي،
تي اوجر هن من ميري جي.

هوءَ هل هوا مان جهپٽي آ،
مون ڳالهہ ڪئي مس ڳيري جي!

ڪجهہ وقت ڪڪائين سار هئي،
هن اکڙين جي آکيري جي.

اَڄ وڄ وراڪا ڏئي ساڙي،
هر هُر ڪُر هن آهيري جي.

چو جاءِ جوالا تي ڳولي،
اي دل! تو پنهنجي ديري جي؟

تون ٻَٽُ پرين، پر تنهنجي پڳ،
چا ڪنڊ هئي ڪانڊيري جي!

چا چر ۾ چاڙ "اياز" هئي،
ڪنهن جيءَ جلي جي جيري جي!

اي قوم! ٻڌايا تي قصا ڪلهہ توکي مون تقديرن جا،
اڄ باغيءَ باغيءَ جي سر تي تو تاج ڏسان تعزيرن جا.

ڪو ڪيئن نہ ٻوڙي مقتل ڏي، آ رت ۾ خوشبو ميندي جي!
ڪو ڪيئن نہ موٽي زندان ڏي، ٿا زلف ڇڪن زنجيرن جا!

هو ڪوڙا ڪانئر ڪڙڪن ٿا ۽ لاش هوا ۾ لڙڪن ٿا،
پر ڳاڙها جهنڊا ڦڙڪن ٿا، ڇا رنگ ڏٺم رهگيرن جا!

اڄ لال لهوءَ جي سرگم تي، ٿي منهنجي ڌرتي رقص ڪري،
منهن هيڊ ٿيا غدارن جا، بي شرم وڏيرن پيرن جا.

هي ماٺهو وهہ جو ڍڪ ٿيا، جئن لڪ لڳي تئن رُڪ ٿيا،
اڄ آزاديءَ جي نعري سان سڀ درد ويا دلگيرن جا.

هر دوکي جي ديوار ڊني ۽ ان جي سر سر سان نہ ملي،
اڄ ٻوڙي هر ڪو ديوانو تو کولي بند اسيرن جا.

اڄ هر ڪنهن جو هي رايو آ تو نينهن "اياز" نڀايو آ،
تو ڳاتا گيت بغاوت جا، تو لاتا رنگ ضميرن جا.

❑

(تعزيز ـ سزا)

جيجل! ڪهڙي ٻيجل آندي هيءَ تنبي جي تان؟
سر جي سٽ ڏئي تو آڇي هرڪو ڌُهرا دان!

منهنجا گيت گُهتيءَ تي ڪانئر، هاٽي ڪيئن ڪندين؟
گرجي گونجي هن ڌرتيءَ جي ستر لک زبان!

مِل مان تا مزدور اچن يا واگهه ڪٽن تا وک،
چيتي جئن ڪجهه چيي آيا ڪيڙي ڪيت ڪسان.

گونگا ماٺهو، ٻوڙا ماٺهو، ماٺهو ٻوٽ ٻڏل،
للڪارون للڪارون تي ويا، لڏي ويا ايوان.

گهن گهنن گهن ڌرتي گونجي، جنتا جاڳي اڄ،
ڏنن ڏنن ڏن ڏڳ پيا ڪن آزاديءَ اعلان.

جهنين جهنن جهٽڪار اچي ٿي، ٿا زنجير ٽٽن،
ڪنن ڪنن ۾ واجٽ آيا، روم ٻڳا زندان.

چنن چنن مان آڳ اڏاٽي، ڀهتا اپ الا،
تنن منن مان چرڪي نڪتا آپي جا اپمان.

ڀنن ڀنن ۾ ڀٽ اچي ٿي ڀهرين، پوءِ "اياز"،
ٻنن ٻنن ڪي ڏونڏاڙن ٿا تيزيءَ سان طوفان.

❑

## لوڪ گيت

# لمڪيان ڙي لو

آءُ اتر هير سان، لمڪيان ڙي لو،
لمڪيان ڙي لو.

ڪنبي ڪنباتا ڪرن، لمڪيان ڙي لو،
پٽ تتر پار جا،
روز اُتر ڪان اچن، لمڪيان ڙي لو،
پنڌ پري هوءِ ڙي، لمڪيان ڙي لو،
پار پرينءَ لوءِ ڙي، لمڪيان ڙي لو.

تانگهه ڪئي تاو ڙي، لمڪيان ڙي لو،
ڪانگ ڏسي ڪامتي،
ڪانڌ مٿان ڪاوڙي، لمڪيان ڙي لو،
ڏور ڪتيءِ ڏينهڙا، لمڪيان ڙي لو،
ڪالهه اُتا مينهڙا، لمڪيان ڙي لو.

ماڪ، ٻنا ڪانهن ڙي، لمڪيان ڙي لو،
جهومڪيون جوئريون،
آءُ ٻُتي ٻانهن ڙي، لمڪيان ڙي لو،
سونهن سياپا پرين، لمڪيان ڙي لو،
نينهن نياپا پرين، لمڪيان ڙي لو.

نيڻ ٻريان نير سان، لمڪيان ڙي لو،
آءُ اتر هير سان، لمڪيان ڙي لو.

❑

(لمڪيان ڙي لو هڪ ٽري لوڪ گيت آهي، جو پنج ست سرتيون ڏٽ چونديندي، نرت سان چونديون آهن، ان جي ليءِ ڪجهه جمالي سان ملندي آهي، مون ان جون سٽون مفتعلن فاعلن جي وزن تي آٽي، ان ۾ شعري صلاحيت ۽ ان جي ناچ، ڏن ۾ تيزي پيدا ڪئي آهي، گيت جو فطري پس منظر واريا سي تي ڏٽ نه پر جوئر جو ڪيت آهي، لمڪيان لفظ لمڪڻ (لوڏ سان هلڻ، لچڪڻ) مان نڪتو آهي، نرت ۾ چيلهه جي لوڏ ضروري آهي.)

# سانوڻ-تيج

(سانوڻ- تيج هڪ ٿري لوڪ گيت آهي، جو ڪنواريون ۽ نؤورنيون سانوڻ جي سُهائي پک ۾ ونداهي پک جي تيج تي ڳائينديون آهن، هن گيت ۾ ڪيفيت ٿري لوڪ گيت جي آهي، ترنم منهنجو آهي.)

آئي سانوڻ-تيج ڙي،
گج سوين تارڙا، واجهه وجهي وج ڙي!
چوريءَ نه ڇج ڙي!
آئي سانوڻ-تيج ڙي.

هيڪلڙو هينئڙو، اپ ڪري گاج ڙي!
راڻو نه راج ڙي!
آئي سانوڻ-تيج ڙي.

ڏٺ مٿي مينهڙا، چت ڪئي چات ڙي،
تو ريءَ اُسات ڙي!
آئي سانوڻ-تيج ڙي.

ڍول بنا ڏوڏڙو، ڪيئن لڳي ٻُک ڙي!
توريءَ نه سُک ڙي!
آئي سانوڻ-تيج ڙي.

نات ڪري ننڊ ڙي، رت ڪري رات ڙي!
تو ريءَ نه تات ڙي!
آئي سانوڻ-تيج ڙي.

ٻُج مٿان بادلو، ٻيج ٻنيءَ وسجو!
پائر ٻ پسجو!
آئي سانوڻ-تيج ڙي.

❑

# مٽهيار

(مٽهيار يا مٽهيارو هڪ ٽري لوڪ گيت آهي، مٽهيار لفظ مٽيي مان نڪتو آهي ۽ ڦيريدار مجاري لاءِ ڪم ايندو آهي، جو بولا، بينسر، چوڙا، جهومر، ڪنمال وغيره وڪڻندو آهي، ۽ سارو سامان اُٺ تي لڏي، ڏهر ڏهر ۾ ڊاہو ڪندو آهي، سنڌي لوڪ گيت دنيا جي لوڪ فن جي بي مثال حاصلات آهي ۽ سنڌي عوام جي اُجري اندر جو آئينو آهي، ٽري مٽهياري جي هينين سٽ تہ منهنجي اندر ۾ اُڪرجي ويئي آهي:

"سنڌڙي ري مارگي، اُڏتي جائي ڪيهہ"

(سنڌ جي مارڳ تان ڪهہ اُڏامندي ٿي وڃي)

سنڌ جو لوڪ ادب پڙهي، يقين ٿي وڃي ٿو تہ سنڌي ثقافت هر قيمت ڏيئي، بچائڻ جهڙي شيءِ آهي. مون هن لوڪ گيت ۾ جدت پيدا ڪئي آهي ۽ نہ فقط ان کي موزون ترنم ڏنو آهي پر ان کي علامتي رنگ ۾ بہ رڱيو آهي.)

مٽهيار آيو، مٽهيار ڙي،
مٽهيار ڙي!

آيو چنن ۾ والا ڪنن ۾،
ڳانا ڳلي ۾ جهونجهار ڙي!
مٽهيار ڙي!

موتي لُٽائي جوتي لُٽائي،
چا چا سجائي سنسار ڙي!
مٽهيار ڙي!

ٻانهن ٻنيءَ جو ويندي لٽيءَ جو،
وريءَ چينيءَ جو سينگار ڙي!
مٽهيار ڙي!

گهونگهٽ هٽائي جهومر ٽڪائي،
چا چا ورونهون واپار ڙي!
مٺهيار ڙي!

ٻانهون ڳچيءَ ۾ ڏانهون ڳچيءَ ۾،
ڪمال پائي منثار ڙي!
مٺهيار ڙي!

هئي هئي سهيليون ڪيڏيون ڀليون!
هن جو تہ سڀ سان آ پيار ڙي!
مٺهيار ڙي!

وڇڙو بہ آهي مڇڙو بہ ناهي،
تو واڳ واري هَسوار ڙي!
مٺهيار ڙي!

اکڙيون نہ اڙجو ٻيءَ جاءِ جڙجو،
روئي نہ روڪيو مٺهيار ڙي!
مٺهيار ڙي!

❑

(جهونجهار - سورمو - پهلوان)

# ڪرهو

(ڪرهو ٿر جو هڪ لوڪ گيت آهي، جو اُٺن سفر ۾ ڳائيندا آهن. ڪرهو اوسيڙي ۽ وڇوڙي جو گيت آهي ۽ اُن جي هر بند جي پوئين سٽ هڙڪ هلو هو، ڏيمان هلو هو، (هوريان هلو، ڍرو هلو) هوندي آهي. هن گيت جو سٽاءُ ڪرهي جو نہ آهي پر ان ۾ ساءُ "ڪرهي" جو آهي.)

هڙڪ هلو هو، ڏيمان هلو هو

پنڌ پري هو،
ڪير ڪري هو،
واٽ آواٽي،
ڏيل ڏري هو،
پوٻ پريَنءَ جو پنڌ پلو هو،
هڙڪ هلو هو، ڏيمان هلو هو.

پار نہ پيرو،
ڏگ نہ ديرو،
رات گهٽائين،
دور سويرو،
ڪر هلڙو ڙي جيءَ جهلو هو!
هڙڪ هلو هو، ڏيمان هلو هو.

سانولڙي جو،
ڳيچ ڇئو ڪو،
سانت ٻري آ،
سانت ڪيو ڇو؟
گونج اُپاري ڪا تہ گلو هو،
هڙڪ هلو هو، ڏيمان هلو هو.

❑

ماٺهو اياڻا دلڙيون نہ جوڙن.

پجرا پکين جا،
گوڙها اکين جا،
سارون اُڏارون پرڙا پتوڙن،
ماٺهو اياڻا دلڙيون نہ جوڙن.

تاريون ٿموڪن،
ڏيلون نہ ڏوڙن،
سانوڻ جهڙيءَ جا سپنا نهوڙن،
ماٺهو اياڻا دلڙيون نہ جوڙن.

تارون ترن ٿا،
واڳو ورن ٿا،
ٿا ڪن ڪيڏا وانجهي وچوڙن!
ماٺهو اياڻا دلڙيون نہ جوڙن.

ڪنهن لاءِ ڳايان،
امرت وسايان؟
ٿا وهہ نئينءَ لئہ واسينگ ووڙن،
ماٺهو اياڻا دلڙيون نہ جوڙن.

❑

# وايون

گهل ڏکن آڙي، نيڻ تا ننڊ ڪن!

گيت گونجارجي واءُ مان تا ورن،
نيڻ تا ننڊ ڪن!

جيءَ جا جهولڻا جهانءِ ۾ تا جهلن،
نيڻ تا ننڊ ڪن!

سانت جي سير ۾ تا تنبورا ترن،
نيڻ تا ننڊ ڪن!

چنڊ جا ناڪئا ناو مان تا ڏسن،
نيڻ تا ننڊ ڪن!

پٽ جهڙا پرين پار ڪان تا اچن،
نيڻ تا ننڊ ڪن!

راتڙيون جاڳندي جهپ آئي نہ تن،
نيڻ تا ننڊ ڪن!

گهل ڏکن آڙي، نيڻ تا ننڊ ڪن!
نيڻ تا ننڊ ڪن!

❑

ڏوپا ويچي، ڏار، ڀتائي ڏوجهي ڀلي،
ٻاڙيءَ تڙون نـ پار، ارڙاٽا ڪر اوتري.
(هڪ پارڪري لوڪ بيت)

*

ڳَرج ڳَرج اي ڳونگي ڏرتي! ڀَرجُ ڀَرجُ ڀتياڙي!
ڀرج ڳرج ڀتياڙي!

ڀج ڀنيءَ جو برسيو آهي، ورهڙ رات وهاڙي،
ڀَرجُ ڳَرجُ ڀتياڙي!

هر هر هل هلاچا تنهنجا، ور ور وج وراڙي،
ڀرج ڳرج ڀتياڙي!

ڪارونجهر ۾ پئي پُڪاري، پل پل پريت پراڙي،
ڀرج ڳرج ڀتياڙي!

ڏوپا ڏار نـ رهڙي آهي، آءُ اُتل ۾ ٻاڙي!
ڀرج ڳرج ڀتياڙي!

پنهنجي اوليءَ ڪوبـ نـ اولو، سير انهيءَ جي ساڙي،
ڀرج ڳرج ڀتياڙي!

☐

ڪـــهــڙو غـــيـــب شـــهـــود؟
سـڀ ڪـجـهـ تـون ئـي آهـيـن!

چـنـڊ بـ تـنـهـنـجـي چـاري ۾ آ، تـڪـي سـچ سـجـود،
سـڀ ڪـجـهـ تـون ئـي آهـيـن!

ماڻهوءَ ڪان وڌ ڪوئي ناهي، ماڻهوءَ جو معبود،
سـڀ ڪـجـهـ تـون ئـي آهـيـن!

آيـو آهـ عدم ڪي جهاڳي، تـنـهـنـجي لاءِ وجـود،
سـڀ ڪـجـهـ تـون ئـي آهـيـن!

تون ئي روزا صليب سجائين، تون ئي ان موعود،
سـڀ ڪـجـهـ تـون ئـي آهـيـن!

تون ئي آهين پنهنجي منزل، تون ئي لامحدود،
سـڀ ڪـجـهـ تـون ئـي آهـيـن!

❑

# ڇيڄ

ڪانگ لنوين، ڪانگ لنوين، ڪانگ لنوين وو،
آءُ پرين! آءُ پرين! سانگ ڪري ڪو،
ڪانگ لنوين وو.

آءُ پرين! اُپ متان آهي لڳهه لس،
جاڻ وتو مينهن، ڏنو وچ وراڪو،
ڪانگ لنوين وو.

آءُ پرين! ڪٽڪ ڪيا سنگ سُنهرا،
ڪيت تيا ڪاڻ، سچو سون پري تو،
ڪانگ لنوين وو.

آءُ پرين! واءُ وري ان اُجاريو،
مند متان مند اچي، تون نه اچين چو؟
ڪانگ لنوين وو.

روز متي لات ڪري، مات ڪري من،
پک لهي لک ڏئي نينهن نياپو،
ڪانگ لنوين وو.

هاءِ پرين! هاءِ پرين! دير ڪئي تو،
ڪانگ لنوين، ڪانگ لنوين، ڪانگ لنوين وو.

# نظم

ڪو سپنو سرجي اُپري ٿو،
هن تنبوري جي تارن مان.
تون چندرما جي ناو جهلي،
ٿي نڪرين دور سِتارن مان.
۽ منهنجيءَ سير انديءَ پرسان،
هٿ ڦيري منهنجن وارن تي،
تون ڪوئي گيت ٻڌائين ٿي،
هن تنبوري جي تارن تي،
جو گيت امارو ڳوليو هو،
جو ڪاليداس نہ پاتو هو،
ڪلهہ رات رويءَ سمپان جهلي،
جو گيت اڌورو ڳاتو هو،
اڄ مان سنڌوءَ جي ڪنٺي تي،
هر مانجهيءَ جو مونجهارو هان،
هر ڪوئي پڇي ٿو، ”آڻين ٿو
هي لهرون لهرون گيت ڪٿان؟“
ان وقت ڏسان ٿو حيرت مان،
مان تنبوري جي تارن ۾،
۽ ياد اچن ٿيون آڱريون،
هو تنهنجون منهنجن وارن ۾.

❑

(امير خسرو ۽ پاٽياريءَ کي)

"تنهنجو نالو؟" "ڪانتي."
"تنهنجو روپ آنوپ آ،"
"مون وٽ رنگ نہ روپ آ،"

"سونهن وٽي مون سانوري،
تون ڇا ڄاڻين بانوري!
من منڊپ جي آگ آ،
تنهنجي ڪايا ڪانتي."

"منهنجو نالو ڪانتي،
منهنجو ويس بنارسي،
تنهنجي ٻولي پارسي،
منهنجي ٻولي پوربي،
۽ مان پوڄان مورتي.
تنهنجو من گهنگهور، مان
چندرما جي شانتي."

"شترو سمجهہ نہ ڪانتي!
هي منهنجو بہ تہ ديس آ،
مون بہ تہ گيڙو ويس آ،
تنهنجي منهنجي ڳانوَ ۾،
پنهنجي پنهنجي ٺانوَ ۾،
ساڳي جر جي اوت آ،
آءٌ تہ هان ويدانتي."

❑

ڪالهه وڏو مون ڪوئي ڳل،
تنهنجي چوٽي ۾.

ڳل جي خوشبو چوٽي ۾،
يا چوٽي جي هئي ڳل ۾!
ڪهڙو ڳل هو، ياد نه آ،
هاڻي مون کي هن هل ۾.

هاڻي جا زنجيرن جي،
روز پئي جهڻڪار اچي،
اُن ۾ تنهنجي چوٽي جي،
مون کي پيئي سار اچي.

ڪهڙو ڳل هو؟ ياد نه آ،
شايد ڪورابيل هو!
يا چمپا هئي چوٽي ۾،
جنهن ۾ تيل قليل هيو!

مون کي اڄ ڪا ياد نه آ،
زندان جي ديوارن ۾،
اڌ مئي جي جاءِ ڪٿي،
ڪا به سڳنڌي سارن ۾!

ڪالهه وڏو مون ڪوئي ڳل،
تنهنجي چوٽي ۾.
❑

وجو، ڪنويليو، وجو!
وجي پرينءَ کي چئو،
اجا پيو جيئان،
اجا پيو جيئان.

آجوڳُ هيءَ جاتِ آ،
اُسات ئي اُسات آ،
ٻه چار پيرڙا ڪٽان،
تہ پن پن تي چٽان!
سنيهہ آ نہ سنگ آ،
نہ آس ۾ امنگ آ،
تڏهن ٻہ مار ڌاڙ ۾،
اُجاڙ واڙ، واڙ ۾،
رڙهي رڙهي وڙهان پيو،
وڙهي وڙهي رڙهان پيو.

وجو، ڪنويليو، وجو!
وجي پرينءَ کي چئو،
اجا تہ هانو هيڪلو،
اوهان بگر ڪيو بلو،
اجا پيو جِئان،
اجا پيو جِيان.

ڪڏهن اُڪت مران تہ پو،
ٻہ چار لڙڪ هارجو،
ڪڏهن ڪڏهن تہ سارجو،
تہ ڪير ماڳ ۾ مئو!
جڏهن بہ سانوڻيون اچن،
ڇمر الوٽ ٿي نچن،
جڏهن بہ پٽ پٽ ٿي،
گهٽا گجي گجي وسي،
جڏهن بہ مور ٿور ۾،
ڏسو نہ ڪنهن بہ هور ۾،
جڏهن بہ روجهہ ريجهہ ۾،
ڏسو اپوجهہ ريجهہ ۾،
تڏهن نہ هي وسارجو،
تہ ڪير سچ ۾ ستو!
اجا تہ جاڳ ٿي جلي،
اجا تہ ويڙهہ ٿي هلي،
اجا تہ گهاوَ تاوَ ۾،
لهو لهو لڳاوَ ۾،
رڙهي رڙهي وڙهن پيا،
وڙهي وڙهي رڙهن پيا،
اجا ٿيون نہ ماٺڪيون،
اُچاتريون، اُپاٺڪيون،
اجا گهڙي پني نہ آ،
اجا تہ رات ٿي نہ آ.
اجا پيو جِئان،
اجا پيو جِئان.

❑

## هيروشيما

هي ڪير ڪڙو آ ڪُنيءَ تي؟
حيران هوا ۾ ٿڪ ڏئي،
ٿو هيٺ، نماري ڌرتيءَ تي!

هيءَ ڪنهن جي آگ لڳي جر ۾،
جو پنهنجي پنهنجي موتيءَ سان،
هر سپ سڙي وئي ساگر ۾!

ڪنهن مرڪ پريءَ ميءَ نوشيءَ ۾،
مان تنهنجي هان، مان تنهنجو هان.
ٿي رات ڇيو سرگوشيءَ ۾.

اڄ تن جي هيج ڪٿي آهي؟
جت پاسا پيار ورايا ها،
سا سرهي سيج ڪٿي آهي؟

ڪنهن چيو هو، پيار امر آهي،
ٻي هر شيءِ اچڻي وڃڻي آ،
اڄ جر ۾ ڪجهه به امر ناهي.

اڄ تو ۾ تنهنجي موتيءَ سان،
ڪا سرهي سپ سڙي وئي آ،
تو جيءَ نه آهين جوتيءَ سان.

ءِ منهنجي پيار وڃائي آ،
پنهنجي هر آس امرتا جي،
هيءَ تنهنجي منهنجي ڪائي آ.

هي ڪير ڪڙو آ ڪنييءَ تي؟
هي تون آهين، هي مان آهيان،
جن امن نه آندو ڌرتيءَ تي.

ها، هيءَ اسان جي ڪائي آ،
اِن اوچيءَ ڪائيءَ کي ڳڏجي،
چا، تو مان آگ لڳائي آ!

❑

منهنجو اگهه پڇين ٿو امر!
منهنجا گيت ڳنهي سگهندين تون؟

هٿ مٿان ڇا هُل ٿيو آ!
هرڪو موتيءَ مُل ٿيو آ.
ڪيڏي پيهه لڳي پئي آهي!
گپا گيهه لڳي پئي آهي!
ڪيڏو پاوُ چڙهي ويو آهي!
هرڪو گيت پڙهي ويو آهي،
تنهنجا ڏڪ پري ويو آهي،
ڀهه ڀهه ڀڪ پري ويو آهي،
ڪنهن ساڃهه کي سيڪ نه آهي،
آهي رڪ وويڪ نه آهي،
ڏات پريءَ بازار وڪاڻي،
مان به ته هڪ وڻجارو آهيان،
پر مان سڀ کان نيارو آهيان،
گيت اندر جا گونجي آهي،
سا شيءِ منهنجي پونجي آهي،
مِل مان جو مزدور اچي ٿو،
هَرُ هٽندي جيڪو ٽڪجي ٿو،
جو توسان سينو ساهي،
پير ڪڙين ۾ آيو آهي،
تنهن سان گيت ورهايان بيٺو!
چوواٽي تي ڳايان بيٺو!
جنهن وٽ ڪوئي لڙڪ ڦڙو آ،
تنهن منهنجو هر گيت ڳڏو آ.

تو وٽ لڙڪ ڪتي ڪو امر!
منهنجا گيت ڳنهي سگهندين تون؟
❑

هر ڪنهن سان قانون ڏسي،
مون انصاف ڪيو آهي،
ڪنهن کي ڦاهي چاڙهيو آ،
ڪنهن کي معاف ڪيو آهي،
ساري عمر حڪومت لئه،
رستو صاف ڪيو آهي.

ها، پر ڪلهه هو شاعر، جو،
پيرِ ڪڙين ۾ آيو هو،
وڏ ڦڙي جئن وائيءَ ۾،
ڇا هن سوز سمايو هو!
بادل پيرجي آيا ها،
منهنجو من گهبرايو هو.

سرڪاري ڏر جي چوٽيءَ،
هو ڪو ديس دروهي هو،
اختياريءَ جو باغي هو،
اوندهه لاءِ اڏوهي هو،
باک، ڦٽيءَ جو ڪانکي هو،
ڏوهي هو، هو ڏوهي هو.

اختياريءَ جي ٽنيي تي،
مان به ته ڪائي ٿوٽي هان،
اوندهه لاءِ اڏاوت ۾،
سڀ کان سگهه چئوٽي هان،
هونءَ ته پوتر پاٽي هان،
هونءَ ته ڪومل ڪوئي هان.

سچ آ، ڪنهن بہ بغاوت ڪان،
باغي گيت برو آهي،
اونداهيءَ جي راڪي جي،
ڇاتيءَ منجهہ ڇرو آهي.
پر جو هن جو ساڪي هو،
سو ڪو ڪن ڪُرو آهي!

هن ڪئن اهڙي ساک ڪنئي،
گيت چڱو آ هر شيءِ ڪان،
قيءَ جهڙو قانون اهو،
ڪيئن جهليندو هن سيءِ ڪان!
ڏس، هر ڪنهن جي ورديءَ ۾،
لونءَ ڪنبي تي اڄ ليءِ ڪان.

مون شاعر ۾ ساڪيءَ ڪي،
اهڙي ٽيپ ڏني آهي،
سارو ديس رنو آهي،
ساري قوم ڏني آهي،
ڪويل ڪنٺ چڱو ناهي،
ان ۾ پيچ پيني آهي.

❑

تو جا ڳالهہ بہ سوچي آهي،
حرم سرا جي نوچي آهي،
ٻاهر ڀڙڪ نہ ٿي اڇٽي آ،
تنهنجي ڀِرِي ۾ پڇٽي آ،
خواجہ سرا جئن ويٺو آهين،
ويٺو تاهہ نڳيءَ جا ناهين.
مون جا ڳالهہ بہ ماٽي آهي،
سا جهانسيءَ جي راڻي آهي،
جنهن جي تيز ڪٽاري آهي،
وار اُنهيءَ جو ڪاري آهي،
ءِ ان لئہ ميدان بہ آهي،
جنڊڙيءَ جو جولان بہ آهي،
جيءُ اُنهيءَ جو جوکي ۾ آ،
پر جا گيت انوکي ۾ آ،
سا تہ بغاوت سرٽي ناهي.
تو جا ڳالهہ بہ سوچي آهي،
سا جي ڪتجي مرٽي ناهي،
گهتجي گهتجي مرٽي آهي،
تون بہ وطن جو شاعر آهين،
مون جئن گيت نہ ٿو پر ناهين،
منهنجو سچ بہ ساڃاهين ٿو،
پوءِ بہ هر ڪنهن سان ٻاهين ٿو،
هي پٿر سان سر ماري ٿو،
ڪهڙيءَ دنيا ۾ گهاري ٿو!

❑

هُونءَ وڏيرو هل ڙي!
ڏاڍي جو ڏڪار، ته هن جي جهرڪيءَ جهڙي دل ڙي!

هون وڏيرو نانگ ڙي!
بگڙي جو سرڪار، ته هن جو ساپي وارو سانگ ڙي!

هونءَ وڏيرو واڄ ڙي!
بود اچي پوتار، ته سمجهو هن کي ڪرسيءَ آچ ڙي!

هونءَ وڏيرو ڏپ ڙي!
ڪٺن نه ڪچهريءَ ۾ ايندو آ لائي سُرهي لپ ڙي!

ماڪ ته هن جي هونءَ ڙي!
سوين سُريتيون ڏاري، ها پر جوءِ ته هن جي جونءَ ڙي!

پنهنجي ريتي راند ڙي!
لال جهنڊي جي اڳتان ڏاڍو مچري ٿو هو ڏاند ڙي!
پنهنجي ريتي راند ڙي!
چو ته وڏيرو ڏاند ڙي!

□

چا تن ۾ ات اُڪير هئي،
جي دوها ڪالهہ ڪبير چيا!
هنن رام رحيم ٻئي گهٽ تي،
ڪنهن نام مٿان ٿي گهور ڪيا،
هن مڏ ماتي جو متو هو،
جن پيار ڪيو، سي پيار پيا.

ڪي دليءَ ۾ درويش هيا،
تن جي بہ تہ ساڳي وائي هئي،
۽ گور ڪنات گُفا ۾ ڪلهہ،
جا پنهنجي جوت جلائي هئي،
سا جوت پائيءَ سنڌوءَ تي،
ڪنهن ڏيئي ۾ ٽمڪائي هئي.

اڄ آءٌ پتائيءَ جو پيدي،
تنهن پيار مٿان پل ناهيان ٿو،
جنهن وقت لهوءَ جي دريا تي،
مان هيٺ ڏسي گهبرايان ٿو،
تنهن وقت پنواٿيءَ ڪي پنهنجي،
ڪنهن پڻ جهڻ سان ٻهلايان ٿو.

ان پڻ جهڻ ۾ هن ڌرتيءَ جي،
ڪا صدين جي سنگيت بہ آ،
۽ اُن ۾ آهہ ڌڪار اها،
جا هار بہ آ ۽ جيت بہ آ،
۽ اُن ۾ آهي پيار اهو
جو پيار بہ آ پريت بہ آ.

پو آءٌ ڪُلهي تي هاريءَ جي،
ٿو پنهنجا هيٺا هٿ رکان،
۽ ڪوڏر جا مزدور جهلي،
ٿو تنهن ۾ پنهنجي سگهہ ڏسان،
جي دوها ڪالهہ ڪبير چيا،
ٿو چيري پنهنجو هانءُ چوان.

❑

# نئون نسل

نٿهڻ اُس، وهاڻيل ويرا،
ارهڙ جا آڙاهہ هوا ۾،
رتو رت پراهان پيرا،
ات اجايل ساهہ هوا ۾.

هن پٽرائينءَ چپ ۾ ڪنهن ڪي،
جهوراٽي جي جهانءِ نہ گهرجي،
تنهنجو گيت ڪويرو آهي،
ٻ جي سچ چوانءِ، نہ گهرجي.

سر سر ۾ سنداڻ وهي ٿي،
لوهہ رجي اڄ رڪ ٿيو آ،
وک پنيان ٻي وک کڄي ٿي،
ها پر اڳتي پنڌ پيو آ.

گيت اُهو جو وک وڌائي،
اُن جو سنگ سجايو آهي،
جاننا جيءَ چڏي جو گهائي،
اهڙو گيت اجايو آهي.

تنهنجي ليءَ کمڪاوَ ڪُنل آ،
تنهنجا قومي گيت نہ گهرجن،
نسل نئون فولاد مثل آ،
ان کي مومي گيت نہ گهرجي.

❑

سنڌ ديس مهانُ، سنڌ ديس مهانُ،
لاڙ، وچولو، اُتر،
ڪڇ، ڪراچي بندر،
هيڏو سارو جر ٿر!
ڪيڏو ڪوهستان!
سنڌ ديس مهانُ.

جيءَ جيءَ ان داتا!
تنهنجا سڏ سچاتا،
آزاديءَ لئه آتا،
تو تي سڀ قربان،
سنڌ ديس مهان.

ستر لک سپوتو!
هوشو، هيمو ٻڻجو،
هر ڪو جهڙو دودو،
دولهه دريا خان،
سنڌ ديس مهان.

سچل ساميءَ پارا،
ڪيئي جيءَ جيارا،
آڏيءَ رات اُمارا،
پت ڏٺيءَ جو پان،
سنڌ ديس مهان.

پيڙو آهه پنير ڪو،
جر جراٽو جرڪو!
آجو ٿيندو هر ڪو،
هر مزدور ڪسان،
سنڌ ديس مهان، سنڌ ديس مهان.

❑

